هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

# صديق اڪبر

# جو ڪردار ۽

# فرمان

**16-MARCH-2017**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم ط

# صديق اڪبر جو ڪردارءِ فرمان

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

حُضُورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جيڪو مون تي جُمُعي جي ڏينهن ۽ رات ۾ سو (100) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي، الله عَزَّ وَجَلَّ ان جون سو(100) حاجتون پوريون ڪندو، ستّر (70) آخرت جون ۽ ٽيهہ (30) دُنيا جون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ ملائڪ مُقرَّر ڪندو، جيڪو ان دُرودِ پاڪ کي منهنجي قبر ۾ ائين پهچائيندو، جيئن توهان کي تحفا پيش ڪيا ويند آهن.

(جمع الجوامع، قسم الاقوال،حرف الميم ،۱۹۹/۷،حديث:۲۲۳۵۵)

اُن پر دُرود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے

مختصر وضاحت: يعني اسان پنهنجي ان پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود موڪليون ٿا جيڪي هر بي سهاري جو سهارو ۽ آسرا آهن ۽ اسان

www.dawateislami.net

پنهنجي ان پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪليون ٿا جيڪي اسان غافلن جي خير خبر رکن ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ ڪان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل ڪان بهتر آهي.

(المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀڃي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان ڪان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان يارِ غار، يارِ مَزار، عاشقِ اڪبر حضرت سَيدُنا ابو بڪر صِدِيق رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي پاڪيزه ڪردار جون

www.dawateislami.net

ڪجھ جھلڪيون ۽ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جا برڪت ڀريا اقوال ٻڌائيندسين، اڳ ۾ پهريان هڪ اِيمان اَفروز واقعو ٻڌون ٿا:

## منهنجي محبوب جو ڪهڙو حَال آهي؟

اُمُ المُومِنِين حضرت سَيدتُناعائشہ صِدِيقہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھا فرمائن ٿيون تہ اسلام جي شروع ۾ جڏهن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھم اجمعين جو تعداد 38 ٿيو تہ حضرت سيّدنا صديق اڪبر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان اِعلانِيہ اظهارِ اسلام جي لاءِ اجازت طلب ڪئي، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”اي ابوبڪر اسان اڃا تعداد ۾ گهٽ آهيون"، پر حضرت سَيدُنا ابوبڪرصديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ اِصرار ڪندا رهيا، ايستائين جو رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اظهارِ اسلام جي اجازت عطا فرمائي. مسلمان مسجدِ حرام جي آس پاس جي علائقي ۾ پکڙجي ويا، هر شخص پنهنجي خاندان کي اسلام جي دعوت پيش ڪرڻ لڳو.

حضرت سَيدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ماڻهن کي اسلام جي خطبي ڏيڻ جي لاءِ بيٺا ۽ اتي رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ تشريف فرما هئا، مڪي جي مشرڪن جڏهن مسلمانن کي کُلي عام اسلام جي دعوت ڏيندي ڏٺو تہ اهي ڪاوڙجي ويا ۽ انهن مُسلمانن کي مارڻ شُرُوع ڪري ڏنو.

حضرت سَيدُنا ابوبڪر صِدِيق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي بہ ماريو ايستائين جو پاڻ بي هوش ٿي ويا، جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي قبيلي بنُو تَيم جي ماڻهن کي خبر پئي تہ اهي ڊوڙندا آيا ۽ سندن کي گهر کڻي ويا، سندن والد ابو قحافہ ۽ بنُو تَيم جا ماڻهو نهايت پريشان هئا، مسلسل سندن رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان گفتگو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، نيٺ ڏينهن جي آخري حصي ۾ سندن رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي هوش اچي ويو. جڏهن انهن اوهان کان خيريت معلوم ڪئي تہ سندن زبان

www.dawateislami.net

مان سڀ کان پهريون جملو اهو نڪتو ته رسولُ الله ڪهڙي حال ۾ آهن؟ سندن جي اها ڳالھ ٻڌي قبيلي جا ڪيئي ماڻهو ناراض ٿي هليا ويا، ۽ سندن والده اُمُّ الخير سلميٰ جڏهن ڪجھ کائڻ پيئڻ جي لاءِ چونديون هيون ته پاڻ صرف هڪ ئي جملو ڪديائون، رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي حال ۾ آهن؟ مون کي صرف انهن جي خبر ڏيو. اها حالت ڏسي سندن والده چوڻ لڳي، الله جو قسم! مون کي اوهان جي دوست جي خبر ناهي ته هو ڪهڙي حال ۾ آهن؟ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ فرمايائون: اوهان اُمِّ جَمِيل بنتِ خطّاب وٽ وڃو ۽ ان کان حُضُورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ پڇا ڪريو، پوءِ سندن والده، اُمّ جَميل بنتِ خطاب رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا وٽ ويون ۽ چيائون ته منهنجو پٽ ابوبڪرَ اوهان کان پنهنجي دوست محمد بن عبدُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ پڇي رهيو آهي ته اهي ڪيئن آهن؟حضرت اُمِّ جميل رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا ان سوال جو جواب ڏيڻ بدران چيو: جيڪڏهن اوهان چاهيو ته مان اوهان سان گڏ اوهان جي پٽ وٽ هلان ٿي، ٻئي حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ وٽ پهتيون ته پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ان کان ٻه اهو پڇيو ته رسولُ الله ڪهڙي حال ۾ آهن؟

حضرت اُمّ جميل رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہا ٻڌايائون: رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم محفوظ آهن ۽ بلڪل خيريت سان آهن. پاڻ پڇيائون: حضورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن وقت ڪٿي آهن؟ انهن جواب ڏنو: دارِ ارقم ۾ تشريف فرما آهن. فرمايائون: خدا جو قسم! مان ان وقت تائين ڪجھ نه کائيندس نه پيئندس، جيستائين سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بذاتِ خُود نه ڏسي وٺان، بهرحال جڏهن سڀ ماڻهو هليا ويا ته سندن والده ۽ اُمِ جميل بنتِ خطاب، اوهان کي سرڪارصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ وني ويون، جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ان عاشقِ زار کي

www.dawateislami.net

ڏنائون تہ اکين مان ڳوڙها وهي آيا ۽ اڳتي وڌي ڪي ياڪر ۾ ورتائون ۽ انهن کي چمڻ لڳا، اهو پُربهار مُعامَلو ڏسي تمام مسلمان بہ فرطِ جذبات ۾ اوهان ڏانهن وڌيا، اوهان کي زخمي ڏسي سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي وڏي رِقّت طاري ٿي.

حضرت سَيِدُنا ابوبڪرصديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ عرض ڪيائون: يا رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، مان ٺيڪ آهيان بس چهرو ٿورو زخمي ٿي ويو آهي. جنهن ڏينهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کي تڪليفون ڏنيون ويون، انهيءَ ڏينهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي والده حضرت سَيِدَتُنا اُمُّ الْخَير سلمٰي ۽ حضرت سَيِدُنا امير حمزه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا بہ اسلام قبول ڪيوهو. (تاريخ مدينه دمشق،۴۹/۳۰، البداية والنهاية، ۳۶۹/۲)

جو یارِ غارِ محبوبِ خدا صدّیقِ اکبر ہیں ۔۔۔ وُہی یارِ مزارِ مصطفٰے صدّیقِ اکبر ہیں
امیر المومنیں ہیں آپ امامُ المسلمیں ہیں آپ ۔۔۔ نبی نے جنّتی جن کو کہا صدّیقِ اکبر ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان مُلاحَظہ ڪيو تہ حضرت سَيِدُنا ابُو بڪرصديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ عشقِ رسُول ۾ گم ٿي دِينِ اِسلام جي اِشاعَت و تَروِيج جي لاءِ ڪيتري قدَر مصيبتون ۽ ڏک برداشت ڪيا. اسلام جي هن عظيم مبلغ پنهنجو تَن من ڌن سڀ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ قربان ڪري ڇڏيو، ايتري قدر تڪليفون ۽ مصيبتون سهڻ بعد بہ پنهنجي پچار ڇڏي پنهنجي آقا و موليٰ ،حضرت محمد مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ياد ڪري رهيا آهن ۽ بي قرار آهن تہ ڪهڙي نموني مون کي پنهنجي آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو حال معلوم ٿي وڃي تہ پاڻ ڪنهن پريشاني ۾ تہ نہ آهن،

www.dawateislami.net

ٿورو غور ڪيو تہ آقا ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جانثار صحابہ ڪرام عَلَیهِمُ الرِّضْوَان جي عشق ۽ محبت جو تہ هي عالم هو، اڃو! اسان بہ غور ڪيون ٿا تہ اسان پنهنجي پياري آقا، مديني واري مُصْطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري محبت ڪيون ٿا؟ ڇا اسان ۾ بہ اسلام جي خاطِر قُرباني ڏيڻ جو جذبو موجود آهي؟ صحابہ ڪرام عَلَیهِمُ الرِّضْوَان ۽ بزرگانِ دِين رَحْمَةُاللّٰه تَعَالٰي عَلَيهِمْ اَجْمَعِين تہ جان ۽ مال جي قُرباني ڏيڻ کان بہ نہ گهٻرائيندا هئا، پر افسوس! اسان کان رڳو وقت جي قُرباني بہ نٿي ڏني وڃي. ياد رکو! جيڪو دينِ اسلام جي مدد ڪري ٿو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مدد فرمائي ٿو جيئن تہ سيپاري 17سوره حج جي آيت نمبر 40 ۾ ارشاد آهي:

وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ ؕ

(پ۱۷،حج:۴۰)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ بيشڪ الله ضرُور مدد فرمائِيندو اُن جي جيڪو اُن جي دِين جِي مدد ڪندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مدد فرمائيندو جيڪو ان جي دِين جي مدد ڪندو، حضرت سَيدُنا قتاده رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ هو ان جي مدد ڪري جيڪو ان (جي دِين) جي مدد ڪري. (تفسير درمنثور، پ،۲۶،محمد،تحت الاية:۷،۷/۴۶۲) حڪيمُ الاُمَّت حضرت مُفْتي احمد يار خان رَحْمَة اللّٰه تَعَالٰي عَلَيه ارشاد فرمائن ٿا: اَولِياءُ الله جي مددڪرڻ، نبي جي خدمت، عِلْمِ دِين پکيڙڻ، سڀ الله جي دِين جي مدد آهي (نورالعرفان،پ۱۷،حج،تحت الاية :۴۰،ص۵۳۷) تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ رِضاءِ اِلٰهي کي حاصل ڪرڻ جي نيت سان دِينِ اِسلام جي سر بلندي جي لاءِ 12 مدني ڪم ڪرڻ جو جذبو پنهنجي اندر پيدا ڪيون.

دِينِ خدا جي مدد ڪرڻ وارن جي مدد ڪيئن ٿيندي آهي؟ انهن جي مدد ڪير ڪندو آهي؟ انهن کي ڪهڙي ثابت قدمي نصيب ٿيندي آهي؟ اڇو !ٻڌون

www.dawateislami.net

ٿا: سيپاري 26، سوره محمد، آيت: 7 ۾ ارشاد آهي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ ﴿۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان الله جي دين جي مدد ڪندؤ تہ الله توهان جي مدد ڪندو. ۽ الله توهان جا قدم ڄمائيندو.

دين مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدد ڪرڻ واري جي لاءِ هر جمعي ۽ عيدين ۾ نہ ڄاڻ ڪيترا خطيب دعائون ڏيندا آهن بلڪ هي دعائون تہ بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى صدين ڪان ڏيندا آيا آهن، هي دعا منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بہ خطباتِ رضويہ ۾ شامل فرمائي آهي، اها دعا هي آهي: اَللّٰهُمَّ انْصُرْ مَنْ نَّصَرَ دِيْنَ سَيِّدِنَا وَمَوْلٰنَا مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ وَبَارَكَ وَسَلَّمَ۔ يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪي دين محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدد ڪن تون بہ ان جي مدد فرما.

سُبْحٰنَ اللّٰه! نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن، درس ۽ بيان ڪرڻ وارن انفرادي ڪوشش ڪرڻ وارن، عاشقان رسول جي خيرخواهي ڪرڻ وارن، مدني قافلن جي غريب مسافرن جي لاءِ مالي تعاون ڪرڻ وارن ۽ ڪنهن بہ طرح سان دين مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدد ڪرڻ وارن ڪي مبارڪ هجي جو انهن جي لاءِ سوين سالن ڪان الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها دعائون ڪندا آيا آهن، اي دين مصطفيٰ جا مددگارو! يقيناً ربّ ذوالجلال عَزَّوَجَلَّ جي مدد جنهن سان گڏ هجي ان جو ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد سان وڏيون وڏيون مصيبتون ختم ٿي وينديون آهن ۽ اسان ڪي

خبر ناهي پوندي، خطبي واري دعا ڪان پوءِ ڪجھ ٻيو بہ آهي اهو هي آهي:
وَاخۡذُلۡ مَنۡ خَذَلَ دِيۡنَ سَيِّدِنَا وَ مَوۡلٰنَا مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحۡبِهٖ اَجۡمَعِيۡنَ وَبَارَكَ وَسَلَّمۡ۔
يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪو دين مصطفيٰ ڪي بي يار و مددگار ڇڏي تون ان کي بي يار و مدد گار ڇڏ .

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏجي وڃڻ جو مقام آهي جتي جتي اسان تي واجب آهي، خدا ناخواستہ اُتي بہ اسان دينِ مصطفيٰ جي مدد ڪرڻ وارا نہ ٿياسين تہ ڪٿي اسان برباد نہ ٿي وڃون، الله عَزَّوَجَلَّ جنهن جي مدد نہ فرمائيندو اهو يقيناً ڪٿي جو نہ رهندو ان دعا ۾ اڳيان هي بہ آهي: رَبَّنَا يَا مَوۡلٰينَا وَلَا تَجۡعَلۡنَا مِنۡهُمۡ. يعني ”اي اسان جا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! اي اسان جا مالڪ موليٰ عَزَّ وَجَلَّ! اسان کي دين مصطفيٰ جي مدد ڪان محروم رهڻ وارن مان نہ ڪر“ يقيناً نماز ۽ روزو اعليٰ درجي جي عبادت آهي پر ان جي ادائگي دين مصطفيٰ جي امداد جي زُمري ۾ نٿي اچي، اسان مان هر هڪ کي گهرجي تہ غور ڪري تہ اهو پنهنجي لاءِ دعا وٺي پيو يا بد دعا! هر اهو ڪم دين مصطفيٰ جي مدد آهي جنهن سان اسلام کي ترقي ملي، ڪافر اسلام ۾ داخل ٿين ۽ بگڙيل مسلمانن جي اصلاح ٿئي، پوءِ نيڪي جي دعوت جون خوب ڌومون مچايو، مدني قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر اختيار فرمايو، پاڻ بہ سنتون سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو ۽ ائين دين خدا ۽ مصطفيٰ عَزَّ وَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوب خوب مدد ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي امداد جي بشارت حاصل ڪيو جو ان جو واعدو بہ آهي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن پاڪ ”ڪنزالايمان مع خزائنُ العِرفان“ صفحي 932 تي سيپاري 26 سورة محمد جي ستين آيت ۾ ارشاد آهي:

www.dawateislami.net

يٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ یَنْصُرْكُمْ وَ یُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ ﴿۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان الله جي دين جي مدد ڪندؤ تہ الله توهان جي مدد ڪندو. ۽ الله توهان جا قدم ڄمائيندو.

(مُلَخَّص از خزائن العرفان ص۹۳۲)(نيڪي ڪي دعوت حصه اول ص ۵۲۰ تا ۵۲۱)

پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي مدد ڪندو يعني جڏهن مومن الله عَزَّوَجَلَّ جي دِين جي تبليغ ۾ ڪوشش ڪندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ آسانيون پيدا فرمائيندو، ان ڪي ان مُهم ۾ ثابت قدم رکندو، ان کي همت ۽ حوصلو عطا فرمائيندو.

عطا ہو نیکی کی دَعوَت کا خُوب جَذبہ کہ دُوں دُھوم سُنّتِ مَحبُوب کی مَچا یَارَبّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صِدِيقِ اڪبر جو مختصر تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو خَلِيفَةُ المُسلِمِين، جانشينِ رَحمَةٌ لِّلعٰلَمِين، اميرُ المُومِنين حضرت سَيدُنا صِدِيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو وڏيڪ احوالَ ۽ واقعا ڄاڻڻ کان پهريان سندن جو تَعارُف ٻڌون ٿا! سندن مبارڪ نالو عبدالله آهي، ۽ سندن ڪُنيت ابوبڪر ۽ صديق ۽ عَتِيق سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جا لقب آهن، صِدّيق جي معنيٰ آهي ”گهڻو سچ ڳالهيندڙ“ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جاهليت واري دؤر ۾ ئي انهي لقب سان مشهور هئا، ڇو تہ پاڻ سدائين سچ ڳالهيندا هئا، ۽ عَتِيق جي معنيٰ آهي”آزاد“. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي خوشخبري ڏيندي فرمايو: اَنْتَ عَتِيقُ اللهِ مِنَ النَّارِ يعني (اي ابو بڪر!) توهان الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان جهنم جي باهہ کان آزاد آهيو، تنهنڪري سندن جو لقب عَتِيق پيو. (تاريخ الخلفاء، فصل

www.dawateislami.net

فی اسمہ و لقبہ، ص۲۹) پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ قريشي آهن ۽ ستين پيڙهي ۾ سندن جو نسب رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خانداني شجري سان ملي وڃي ٿو، پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ عام الفيل جي تقريبًا اڍائي سالن ڪان پوءِ مڪةُالمڪرمة زَادَهَا اللہ شَرَفًا وتَعْظِيمًا ۾ پيدا ٿيا، اميرُالمؤمنين حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ اهي صحابي آهن جنهن مردن ۾ سڀ کان پهريان تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تصديق ڪئي، پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ايتري قدر عظيم شخصيت آهن جو اَنبِيَاءِ ڪِرام عَلَيهِمُ السَّلام کانپوءِ اڳين پوئين سيني انسانن ۾ سڀ کان افضل ۽ اعليٰ آهن، آزاد مردن ۾ سڀ کان پهرين اسلام قبول ڪيو، ۽ زندگي جي هر واٽ تي پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ساٿ ڏئي جان نثاري ۽ وفاداري جو حق ادا ڪيو، 2 سال3 مهينا مَسنَدِ خِلافت تي رونق اَفروز رهي 22 جُمادَی الاُخرٰی 13 ھ سومر جو ڏينهن پورو ڪري وفات ڪئي. اميرُالمُؤمنين حضرت سيّدنا عمر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جنازي جي نماز پڙهائي ۽ روضي پاڪ زَادَهَا اللہُ شرفًا وتعظيمًا ۾ حضورِ اَقدَس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پهلو ( قرب) ۾ دفن ٿيا. (تارِيخُ الْخُلَفاء،ص۶۲،۲۷ ،۸۱ملتقطاً) الله عَزَّوَجَلَّ جي اوهان تي رَحمت هجي ۽ انهن جي صَدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

محبوبِ ربِّ عرش ہے اس سبز قُبّہ میں
پہلو میں جلوہ گاہ عتیق و عمر کی ہے

مختصر وضاحت: ان سبز رنگ جي گنبذ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آرام فرما آهن ۽ سندن پهلو ۾ حضرت ابو بڪر صديق ۽ حضرت عمرِ فاروق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُما جلوه افروز ۽ آرام فرما آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ ڪان راضي آهيان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا ابُو بَڪر صِديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ اهي جليلُ القدر صحابي آهن جو جنهن ڪي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ هڪ خاص مرتبو حاصل هو، جيئن حضرتِ سَيدُنا عبدُالله بِن عُمر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمائن ٿا ته مان الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ حاضر هئس، اتي حضرت سَيدُنا ابوبڪر صِدِيق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ اهڙو لباس پائي تشريف فرما هئا، جنهن ۾ بٽڻ بدران ڪنڊا لڳل هئا. ايتري ۾ جبريلِ امين بارگاهِ رِسالَت ۾ حَاضِر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اڄ ابوبڪر اهڙو لباس ڇو پاتو آهي؟ فرمايائون: اي جبريل! ان پنهنجو سڄو مال فتحِ مڪه کان پهريان مون تي قربان ڪري ڇڏيو آهي.جبريل عرض ڪيائين: الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي سلام موڪلي ٿو ۽ فرمائي ٿو، ان کان پڇو ته هو الله کان راضي آهن يا ناراض؟ نبي اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ابوبڪر! الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي سلام ارشاد فرمائي ٿو ۽ فرمائي ٿو ته مون کان راضي آهيو يا نه؟

سَيدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ عَرض ڪيو: پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ کان ڪيئن نا راض ٿي سگهان ٿو. آئون پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان راضي آهيان، آئون پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان راضي آهيان، آئون پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان راضي آهيان.

(تاريخ مدينة دمشق،عبدُ الله ويقال عتيق، ٧١/٣٠)

## تقديمِ صِدّيقِ اڪبر مِن جانبِ ربِّ اڪبر

اهڙي طرح اميرُ المومنين حضرت سَيدُنا عَلي المُرتَضٰي، شيرِ خُدا کَرَّمَ اللہ تَعَالٰی وَجْهه الکَرِیم فرمائن ٿا ته رسولِ اَڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد

www.dawateislami.net

فرمايائون: مون بارگاھ الٰهي ۾ تي (3) ڀيرا توهان کي مُقدَّم (يعني افضل) ڪرڻ جو سوال ڪيو، پر بارگاھ الٰهي ۾ ابُو بڪر ئي کي مُقدَّم (يعني افضل) ڪرڻ جو حڪم آيو. (تاريخ مدينة دمشق،عبدُ الله ويقال عتيق، ٧١/٣٠)

## سڀ کان وڏا پرهيزگار

الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم ۾ هڪ هنڌ تي اوهان کي پرهيز گار فرمايو آهي جيئن ارشاد آهي :

وَسَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى ﴿۱۷﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ان (دوزخ) کان گهڻو پري رکيو ويندو جيڪو سڀ کان وڏو پرهيز گار آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ۾ ''اَتقٰي''(سڀ کان وڏو پرهيزگار) مان مُراد حضرتِ سَيدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ آهن.

## بارگاھ رسالت ۾ صِديَق اڪبر جو مقام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان مُلاحَظہ فرمايو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي ڪيترو وڏو مرتبو حاصِل آهي. ڪيئي آيٰت مُبارَڪہ اوهان جي باري ۾ نازل ٿيون، اهڙي طرح حُضُورِ اڪرم، نُورِ مُجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ بہ اوهان جو مقام نهايت اعليٰ هو، جيئن حضرت سَيدُناابو عثمان رَضِی اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ماڻهن ۾ اوهان کي سڀ کان وڌيڪ ڪير محبوب آهن؟ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:عائشہ. انهن ٻيهر عرض ڪيو: مَردن مان ڪير؟ فرمايائون: عائشہ جا والد. (صحيح البخارى،كتاب المغازى ،غزوة ذات السلاسل ،الحديث:۴۳۵۸، ج۳، ص۱۲۶مختصرا) (يعني حضرت سَيدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه)

حضرت سَيدُنا عبدُ الله بن عباس رَضِی اللہ تَعَالٰی عَنْھما کان روايت آهي تہ مون ڏٺو تہ

www.dawateislami.net

رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سَيدُنا علي المرتضيٰ، شير خدا رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہ سان گڏ بيٺل هئا، ايتري ۾ حضرت سَيدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہ حاضر ٿيا تہ رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اڳتي وڌي انهن سان هٿ ملايو، پوءِ ڀاڪر پائي پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہ جو مُنهن چُمي ورتو ۽ حضرت سَيدُنا علي المرتضي رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہ کي ارشاد فرمايائون: اي ابُوالحسن! مون وٽ ابوبڪر جو اهو ئي مَقام آهي، جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ وٽ منهنجو مقام آهي. (الرياض النضرة، ذكر منزلته...الخ، ج۱، ص۱۸۵)

## صِدِيقِ اڪبر جو جنّت ۾ پُرتپاڪ استقبال

اهڙي طرح حضرت سَيدُنا عبدُالله بن عباس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنت ۾ هڪ اهڙو شخص داخل ٿيندو جو تمام جنت وارا ان کي پڪاري پڪاري چوندا: مَرحَبا! مَرحَبا! هتي تشريف فرما ٿيو، هتي تشريف فرما ٿيو. حضرت سَيدُنا ابوبڪر صِديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہ وڏي تعجب سان پڇا ڪندا: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اسان بہ ان شخص کي ڏسي سگهنداسين ؟ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اي ابوبڪر! اهي جنتي شخص توهان ئي تہ آهيو. (ابن حبان،كتاب اخباره عن مناقب الصحابة، ذكر ترحيب اهل الجنة بابى بكر،۶،جزء: ۹، ص۷،حديث: ۶۸۲۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ حضرت سَيدُنا صِدِيقِ اڪبر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہ ڪيتري قدر خُوش نَصِيب صَحابِي آهن جو انبياء ڪرام عَلَیۡهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام کان بعد تمام ماڻهن ۾ سڀ کان افضل قرار ڏنا ويا ۽ پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اوهان کي جنت جي خوشخبري ارشاد فرمائي .

پاڻ کي اها سعادت بہ حاصل آهي تہ هر مقام تي رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ رهيا، ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ آسمانن ۾ بہ اوهان جو نالو نبي ڪرِيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نالي سان ملائي ڇڏيو جيئن تہ حضرت سَيدُنا ابو

هريره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان رِوايت آهي تہ ٻنهي جهان جي مالِڪ و مختار، مڪي مَدَني سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مون کي آسمانن جي سير ڪرائي وئي، پوءِ منهنجو جنهن آسمان وٽان لنگهڻ ٿيو، مون اتي پنهنجو نالو لکيل ڏٺو ۽ پاڻ کان بعد ابو بڪر جو نالو بہ لکيل ڏٺو. (مجمع الزوائد،کتاب المناقب،باب ماجاء فی ابی بکر،۱۹/۹، حديث: ۱۴۲۹۶، تاريخ الخلفاء،ذکر ابو بکر الصديق، ص۴۳) تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ حضرت سَيدُنا ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ سان خوب خوب محبت ۽ عقيدت رکون تہ جيئن اللہ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري جي صدقي اسان تي بہ پنهنجي رحمت ۽ رضوان جي بارش فرمائي.

بَیاں ہو کس زَباں سے مرتبہ صِدیقِ اکبر کا ہے یارِ غار، محبوبِ خدا صدیقِ اکبر کا
رُسُل اور اَنبیاکے بعد جو اَفضل ہو عالَم سے یہ عالَم میں ہے کس کا مرتبہ، صدیقِ اکبر کا
علی ہیں اُس کے دُشمن اور وہ دُشمن علی کا ہے جو دُشمن عقل کا دُشمن ہوا صدیقِ اکبر کا

(ذوقِ نعت،ص۴۱تا۴۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خير خواهي جو جذبو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا ابو بڪر صِدِيق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي ذاتِ بابرڪت کي اللہ عَزَّوَجَلَّ بهترين اوصاف ۽ پاڪيزه ڪردار جو مالڪ بڻايو هو، اچو سندن مبارڪ ڪردار جون ڪجھ جهلڪيون ٻڌون ٿا، جيئن اوهان جي ذات ۾ ماڻهن سان ڀلائي ۽ خيرخواهي جو بي انتها جذبو موجود هو، اهو ئي سبب آهي جو دِينِ اِسلام قبول ڪرڻ جي ڪري جيڪي صَحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان مَظلُومانہ زِندَگي گذاري رهيا هئا، پاڻ انهن جي لاءِ رَحمت ۽ شَفقت جا دريا

www.dawateislami.net

وهائي ڇڏيا، اوهان ظلم ۽ ستم جي چڪي ۾ پسجڻ وارن مسلمانن جي لاءِ صرف دل ۾ ئي همدردي جا جذبا نه رکندا هئا بلڪ انهن کي تڪليف مان نجات ڏيارڻ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن مال خرچ ڪرڻو پيو ته ان کان به نه ڪيٻائيندا هئا. اچو هن باري ۾ هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا:

## حضرت سيدنا بلال جي آزادي

مشهور صحابي رسول، مؤذنِ رسولُ الله ،حضرت سَيدُنا بلال حبشي رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جنهن جي والده جو نالو حَمَامَہ آهي، هي سچا مومن ۽ پاڪيزه دل غلام هئا، انهن جو مالڪ اُمَيہ بِن خَلَف انهن کي تيز اُس ۾ وني مڪي کان ٻاهر سخت گرم واريءَ تي سڌو ليٽائي سيني تي هڪ وڏو پٿر رکي چوندو هو: مُحمّد (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دِين) جو انڪارڪريو، اسان جي خدائن جي عبادت ڪريو، نه ته ائين ئي مري ويندو. حضرت سَيدُنا بلال حبشي رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ صرف اهو ئي جواب ڏيندا هئا: اَحَد اَحَد (يعني الله صرف هڪ آهي ،ان جو ڪو شريڪ ناهي) (الريا ض النضرة، ذكر من اعتقه ...الخ ، ١/ ١٣٣تا١٣٤) هڪ ڏينهن حضرت سَيدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ان هنڌان گذريا جتي حضرت سَيدُنا بلال حبشي رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي ظلم جو نشانو بڻايو پيو ويو، پاڻ اُميہ بن خلف کي دڙڪا ڏيندي چيائون: ان مسڪين کي ستائيندي تو کي الله کان ڊپ ناهي ٿيندو؟ ڪيستائين ائين ڪندو رهندين؟ هو چوڻ لڳو: ابوبڪر! توهان ئي ان کي خراب (يعني مسلمان) ڪيو آهي، توهان ئي ان کي ڇڏائي وٺو. پاڻ فرمايائون: مون وٽ بلال کان وڌيڪ تندرست ۽ توانا غلام آهي، بلال مون کي ڏئي اهي توهان وني وٺو. چوڻ لڳو: منظور آهي. ۽پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ڪجھ رقم ۽ غلام جي عوض انهن کي

www.dawateislami.net

خريدي آزاد ڪري ڇڏيو.

ان کان بعد اوهان وڏيڪ ڇهه (6) اهڙا ئي غلام آزاد ڪيا. (الريا ض النضرة، ذكر من اعتقه ...الخ ، ١٣٤/١) اهو بہ مروي آهي تہ حضرت سَيدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ حضرت سَيدُنا بلال حبشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي 5 اَوقيہ (تقريباً 32 تولا) سون ادا ڪري خريد ڪيو تہ فروخت ڪرڻ واري چيائين: ابوبڪر ! جيڪڏهن توهان صرف هڪ اَوقيہ سون تي اڙجي وجو هئا تہ مان ايتري قيمت ۾ ئي ان کي وڪڻان هئا. پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن تون سو(100) اوقيہ سون گهرين هئا تہ مان اهو بہ ڏيان هئا ۽ بلال کي ضرور خريد ڪيان هئا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ حضرت سَيدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ نهايت ئي شفيق ۽ مهربان هئا، ڪنهن مومن کي تڪليف ۾ مبتلا نہ ڏسي سگهندا هئا ۽ پنهنجي مال ۽ متاع تي انهن جي جانين کي فوقيت ڏيندا هئا. انهيءَ ڪري پاڻ حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ سميت ست (7) غلامن کي خريدي آزاد ڪيو هو. پاڻ نيڪ خصلت هئڻ سان گڏوگڏ نيڪ ڪمن ۾ انتهائي پهل (اڳرائي) ڪرڻ وارا هئا .

## يارِ غار جو مالي ايثار

غزوهءِ تَبُوڪ جي موقعي تي نبيّ ڪريم، رءوف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اُمت جي مالدارن ۽ دولتمندن کي حڪم ڏنو تہ اهي الله ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ جهاد جي لاءِ مالي مدد ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺن تہ جيئن مجاهدن جي لاءِ ڪاڌي پيتي ۽ سواري جو انتظام ڪري سگهجي، محبوبِ رحمٰن، سَروَر ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انهي فرمان رَغبَت نشان تي عمل ڪندي جنهن شخص راهہ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ پنهنجي سموري دولت بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ پيش ڪئي، اهي صحابي ابن صحابي، عاشق اڪبر، حضرت

www.dawateislami.net

**سيّدنا صديق اڪبر** رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ **هئا، پاڻ** رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ **گهر جو سمورو مال دولت آقا** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي قدمن تي رکي ڇڏيو، نبي مختار، شهنشاهه ابرار** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **پنهنجي يارِ غار جي انهي ايثار کي ڏسي پڇا ڪئي، ڇا پنهنجي گهر لاءِ بہ ڪجهہ ڇڏيو آهي؟ تہ وڏي ادب ۽ احترام سان عرض ڪيائون:** اَبْقَیتُ لَھُمُ اللّٰہَ وَرَسُوْلَہٗ **يعني مان الله**عَزَّ وَجَلَّ **۽ ان جي رسول** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي ذمي ڪرم تي ڇڏي آيو آهيان. جڻ تہ ارشاد فرمايائون منهنجي ۽ منهنجي گهروارن لاءِ الله ۽ رسول ڪافي آهن**

پروانے کو چراغ تو بُلبُل کو پُھول بَس
صِدِّیق کے لیے ہے خُدا اور رَسول بَس

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ اسان جي پياري صِدِيقِ اڪبر** رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ جو ڪهڙو اعليٰ جذبو رکندا هئا، يقيناً الله** عَزَّوَجَلَّ **جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ جون گهڻيون فضيلتون آهن، حُضُورنبيءِ ڪريم، رؤفٌ رَّحيم** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ جَنَّت نِشان آهي: جنهن مسلمان ڪنهن بي لباس مسلمان کي ڪپڙو پارايو، الله** عَزَّوَجَلَّ **ان کي جنّتي لباس پارائيندو ۽ جنهن ڪنهن بکايل مُسلمان کي کاڌو کارايو الله** عَزَّوَجَلَّ **ان کي جنّتي ميوا کارائيندو ۽ جنهن ڪنهن اڃايل مسلمان کي پاڻي پيياريو، الله** عَزَّوَجَلَّ **ان کي مُهر لڳل پاڪيزه شَراب پيياريندو.** (سنن ابی داؤد ،کتاب الزکاۃ، باب فی فضل سقی الماء ،۱۸۰/۲،حدیث: ۱۶۸۲)

**اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ جيترو ٿي سگهي الله** عَزَّوَجَلَّ **جي راهه ۾ خرچ**

www.dawateislami.net

ڪيون تہ جيئن اسان تي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جو خُصُوصِي اِنعام وِاڪرَام ٿئي.

## اِسلام جي دَعوَت جو انداز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا ابُوبڪر صِدِيق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ اهي خُوش نصيب صحابي آهن جيڪي مَردن ۾ سڀ ڪان پهريان ايمان آندو، حضرت سَيدُنا ابنِ اسحاق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا تہ پاڻ اِسلام آڻيندي ئي ان جو اظهار بہ ڪيو ۽ ان جي دعوت بہ ڏيڻ شُروع ڪري ڇڏي، جيئن تہ پاڻ پنهنجي قوم ۾ نهايت ئي نرم دل، ماڻهن جي ڏُک سُک ۾ شريڪ ٿيڻ وارا ۽ سيني جي پسنديده شخصيت هئا. پاڻ قُرَيش جي حَسَب ۽نسب ۽ انهن جي هر چڱائي بُرائي ڪان سني نموني واقف هئا، پاڻ هڪ مشهور ۽ خُوش اَخلاق تاجِر پڻ هئا، قُريش جا سمورا ننڍا وڏا ماڻهو علمي ۽ تجارتي خوبين ۽ پاڪيزه صحبت جي سبب سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي صحبت ڪان فيضياب ٿيندا هئا، پاڻ انهن تي انفرادي ڪوشش ڪندي، اسلام جون خُوبِيون بيان ڪندا هئا ۽ انهن کي اِسلام جي دَعوَت ڏيندا هئا. اهڙي طرح پاڻ وٽ ايندڙ ڪيئي ماڻهن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ اسلام ۾ داخل ڪري ورتو. (الرياض النضرة، الفصل الخامس فی ذکرمن...الخ، ۹۱/۱)

چنانچہ شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه 32 صفحات تي مشتمل پنهنجي رسالي "پوڙهو پُوڄاري" جي صفحي نمبر 11 تي فرمائن ٿا: پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي انفرادي ڪوشش سان پنج انهن هستين اسلام قبول ڪيو جيڪي عَشره مُبَشَّره ۾ شامل آهن، انهن جا مبارڪ نالا هي آهن: ﴿1﴾ حضرت سيّدنا عثمان غني ﴿2﴾ حضرت سيدنا سعد بن ابي وقاص ﴿3﴾ حضرت سيدنا طلحہ بن عبيدالله ﴿4﴾ حضرت سيدنا عبدالرحمٰن بن عوف ﴿5﴾ حضرت سيدنا زبير بن

www.dawateislami.net

عوّام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم. عشره مُبَشّره انهن ڏهن صحابہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان ڪي چيو ويندو آهي جن کي اسان جي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دنيا ۾ ئي جنت جي بشارت عنايت فرمائي ڇڏي هئي. اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت ،مولانا اِمام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا:

وه دَسوں جن کو جنّت کا مُژده ملا اُس مبارَک جماعت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گهر ۾ مسجد جي تعمير

حضرت سَيدُنا ابوبڪر صِديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ ابتداءِ اسلام ۾ پنهنجي گهر جي صحن ۾ هڪ مسجد ٺهرائي هئي، جتي اهي قرآنِ پاڪ جي تلاوَت ڪندا ۽ نماز پڙهندا هئا، ماڻهو سندن ان رُوح پَرور مَنظر کي ڏسي پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ وٽ گڏ ٿيندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ جي تلاوتِ قرآن، عبادت ۽ رِياضَت ۽ خوفِ خُدا ۾ روئڻ ماڻهن کي گهڻو متاثر ڪندو هو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ جي هن عمل جي سبب ڪيئي ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿيا. (الرياض النضرة،الفصل الخامس فی ذکرمن...الخ ، ۹۲/۱) حضرت سَيدَتُنا عائِشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہا فرمائن ٿيون تہ منهنجا والدِ ماجد جڏهن قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا تہ پاڻ کي پنهنجي لڙڪن تي اختيار نہ رهندو هو يعني زاروقطار روئڻ لڳندا هئا. (شعب الايمان، الحادی عشر من شعب الايمان ، ۴۹۳/۱، حديث:۸۰۶)

## تلاوت ۾ روئڻ ثواب جو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ حضرت سَيدُنا ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندي ڪيتري قدر گِريہ و زاري ڪندا هئا، جڏهن تہ اوهان کي دنيا ۾ ئي حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زبانِ مبارڪ مان جنّتي هئڻ

www.dawateislami.net

جي خوشخبري ملي وئي هئي، ان جي باوجود پاڻ خوفِ خدا سبب روئيندا هئا. اسان کي به قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندي روئڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن روئڻ نه اچي ته روئڻ واري جهڙي صورت ئي بڻائڻ گهرجي ، ڇوته قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندي روئڻ مستحب آهي، جيئن ته فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي قرآنِ پاڪ جي تِلاوَت ڪندي روئيندا ڪريو ۽ روئڻ نه اچي ته روئڻهارڪي صورت بڻائي وٺو. (ابن ماجه،باب فی حسن الصوت ، ۲/ ۱۲۹،حدیث: ۱۳۳۷ملتقطا)

عطا کر مجھے ایسی رِقّت خُدایا کروں روتے روتے تلاوت خدایا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گرمين ۾ روزا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح اسان جا پيارا صِدِيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہ عِبادَت گُذار هئا اهڙي طرح ڪثرت سان روزا به رکندا هئا جيئن ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہ جي باري ۾ اچي ٿو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہ گرمين ۾ (نفل) روزا رکندا هئا ۽ سياري ۾ ڇڏي ڏيندا هئا. (الزهد للامام احمد،کتاب الزهد، زهد أبی بکر صدیق ،ص۱۴۱،حدیث: ۵۸۵) واقعي اهو حضرت سَيدُنا ابوبڪر صِدِيق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہ جو عبادت جو ذوق هو جو قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندي روئيندا هئا ۽ فرض روزن جي علاوه گرمين ۾ نفل روزا رکندا هئا، جيڪڏهن اڄ اسان پنهنجي حالت تي غور ڪيون ته سياري ۾ فرض روزا به وڏي تڪليف سان رکون ٿا جڏهن ته سياري ۾ عام طور ڏينهن تمام ننڍا ۽ راتون گهٽيون وڏيون هونديون آهن ۽ ڏينهن ۾ اُڃ به تمام گهٽ لڳندي آهي جڏهن ته گرمين ۾ عام طور ڏينهن وڏيڪ وڏا ۽ راتيون ننڍيون هونديون آهن ۽ ڏينهن ۾ اُڃ جي شِدت به گهٽي هوندي آهي. يقيناً اها دُنيا جي گرمي آخرت جي گرمي جي مُقابلي ۾ ڪجهه به ناهي ڇوته جڏهن قِيامَت جو

www.dawateislami.net

ڏينهن ٿيندو ۽ سج سَوا مِيل تي رهي باھ وسائي رهيو هوندو، اُج جي شِدَّت سبب زبانون ٻاهر نڪري رهيون هونديون، ماڻهو پنهنجي ئي پگهر ۾ شرابور هوندا، ان وقت جي گرمي برداشت ڪرڻ يقيناً اسان جي وس ۾ ناهي، تنهنڪري دُنيا ۾ ئي رِضاءِ اِلٰهي جي لاءِ چڱا عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ **ان جي رسول** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **کي راضي ڪري** ونو ۽ قِيامَت جي ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان عرش جي ڇانو ماڻڻ جي لاءِ اڄ دنيا ئي ۾ نيڪين جي ڪثرت ڪرڻي پوندي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جو نيڪين ڀريو مدني ماحول اسان کي نيڪيون ڪمائڻ جا ڪيئي موقعا فراهم ڪري ٿو، جي ها! هنن موقعن مان هڪ بهترين موقعو هفتيوار مدني مذاڪرو بہ آهي.

## هفتيوار مدني مذاڪرو

مَدَني مذاڪري جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي جو ان ۾ شيخ طريقت ،امیرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل مُختلف سُوالن جا دِلچسپ جوابن جي صُورت ۾ زندگي جي مختلف شعبن بابت مفيد معلومات سان گڏوگڏ ڪثير عِلمِ دِين بہ حاصل ٿئي ٿو. علمِ دِين جي وڏي فضيلت آهي، حضرت سَيِدُنا ابُوذَر غفاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: رسولُ **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو: اي ابوذر (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه)! توهان جو هن حال ۾ صُبح ڪرڻ جو توهان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ڪتاب مان هڪ آيت سکي هجي، هي توهان جي لاءِ 100رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي ۽ توهان جو هن حال ۾ صبح ڪرڻ جو توهان علم جو هڪ باب سکيو هجي، جنهن تي عمل ڪيو ويو يا نہ ڪيو ويو هجي، تہ اهو توهان جي لاءِ 1000 رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي. (ابن ماجہ، كتاب السنة،باب فی فضل من تعلم،۱۴۲/۱، حدیث:۲۱۹)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو، هٿوهٿ نيت ڪيون ٿا ته اسان به هر هفتي مَدَني مُذاڪري ۾ اَوَّل تا آخر شرڪت ڪنداسين ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي به مدني مُذاڪري ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندا رهنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيئي اسلامي ڀائر مدني مُذاڪري جي بَرڪت سان پنهنجي گُناهن ڀري زِندگي کان توبه ڪري چڪا آهن. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## روزانو مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي برڪت

زم زم نگرحيدر آباد (بابُ الاسلام، سنڌ پاڪستان) جي علائقي قليلي پار جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ هن طرح آهي ته ائين ته دعوتِ اسلامي جي مهڪي مهڪي مَدَني ماحول جون مدني بهارون نديپڻ کان ئي نصيب هيون، پر مردُود شيطان دنيا جي پرفريب نظارن ۾ بُري طرح ڦاسائي رکيو هو، منهنجو چهرو سنّتِ مُصطَفٰي (يعني ڏاڙهي شريف) کان محروم هو ۽ مٽي اگهاڙي گهمڻ منهنجو معمول هو. زندگي جا قيمتي ڏينهن غفلت ۾ گذري رهيا هئا جو خوش قسمتي سان هڪ پيرو ڪنهن مبلغ دعوتِ اسلامي سان ملاقات ٿي، دورانِ گفتگو انهن مون کي چيو ته اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: جيڪو روزانو هڪ بيان ٻڌي ٿو، ،مان ان سان خوش ٿيان ٿو. اهي لفظ منهنجي دل ۾ پنهنجي مرشدِ ڪريم سان محبت جي سٽل جذبات کي بيدار ڪري ڇڏيو پوءِ مون مڪتبة المدينہ سان جاري ڪيل 50 مَدَني مذاڪرن تي مشتملCD خريد ڪري ورتي ۽ روزانو هڪ مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي سعادت ماڻڻ لڳس. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي واتان نڪرڻ واري شريعت ۽ طريقت جي روشن موتين منهنجي دل جي بي نور نگيني کي چمڪائي ڇڏيو، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي پُرتاثير گفتگو جي برڪت سان ڏينهون ڏينهن گناهن کان نفرت ۽ نيڪين سان محبت وڌڻ لڳي، اجا ڪجھ ئي مَدَني مذاڪرا ٻڌا هئا جو

www.dawateislami.net

منهنجي حُليي، ڪردار ۽ اَندازِ زندگي ۾ تبديلي اچڻ لڳي، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون پنج ئي نمازون پابندي سان پڙهڻ شروع ڪري ڏنيون، مٿي تي سبز عمامي جو تاج سجائي ورتو، چهرو ڏاڙهي شريف سان روشن ڪري ورتو ۽ مَدَني ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳس. الغرض هنن مَدَني مُذَاڪرن جي ذريعي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه منهنجي اهڙي مدني تربيت فرمائي جو منهنجي 26 سالن جي زندگي ۾ ڪڏهن اهڙي تربيت نہ ٿي هئي.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ مدني مذاڪرن ۾ شرڪت جو ذوق ۽شوق عطا فرمائي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هفتيوار مدني مذاڪرو هڪ وقت ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ سوين مقامات تي اجتماعي طور ڏنو ۽ ٻڌو ويندو آهي، ڪثير عاشقانِ رسول علمِ دِين جي حصول جي لاءِ هر هفتي جمع ٿيندا آهن، OB Van جي ذريعي مختلف شهرن جي بہ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ٿيندي آهي، گهر تي اِنفرادي طور تي ڏسڻ کان بهتر آهي تہ اجتماعي طور تي مدني مذاڪرو ڏنو وڃي، جيڪڏهن مجلسِ رابطہ، مجلس نشرو اِشاعت، مجلس وڪلاء و ججز، مجلسِ تاجران، مجلس رابطہ براءِ تاجران، مجلس ذرائع آمد و رفت، مجلس اِزدِيادِ حُب جا اسلامي ڀائر، ڪنهن اسلامي ڀاء جي گهر پنهنجي شعبي جي افراد کي گڏ ڪري مدني مذاڪرو ڏسڻ جي ترڪيب ڪن تہ ڇا ڳالھ آهي! جيڪڏهن هر هفتي مختلف گهرن ۾ 12،12 اسلامي ڀاء بہ اجتماعي طور تي شامل ٿين تہ مدينہ مدينہ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صِدِيقِ اڪبرؓ مريضن جي عيادت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِدُنا صِدِيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جو ذڪرِ خير

www.dawateislami.net

جاري آهي، اوهان جو هڪ وصف اهو بہ هو تہ پاڻ بيمارن جي غَم خواري ڪندي انهن جي عِيادت بہ ڪندا هئا ، جيئن هڪ ڀيرو حضرت سَيدُنا علي المرتضي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه بيمار ٿيا، جڏهن حضرت سَيدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کي خبر پئي تہ پاڻ حضرت سَيدُنا عمر فاروق ۽ حضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهما ٻنهي کي ارشاد فرمايائون:حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه بيمار ٿي پيا آهن، اسان کي انهن جي عيادت جي لاءِ ضرور وڃڻ گهرجي. اهو ٻڌي اهي بہ تيار ٿي ويا. پوءِ ٽئي ڄڻا، حضرت سَيدُنا علي المرتضي شير خدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي گهر پهتا. (تفسير روح البيان،پ ١٣،سورة الرعد،تحت الاية:٣١، ٣٧٧/۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ حضرت سَيدُنا صِديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه بيمارن جي عيادت ڪندا هئا، تنهنڪري اسان کي ڪپي تہ سنين سنين نيتن سان بيمار مسلمانن جي عيادت ڪيون ڇوتہ هن جون گهڻيون برڪتون آهن، جي ها! مريض جي عيادت ڪرڻ سُنّت بہ آهي،مريض جي عِيادت ڪرڻ مدني انعامات مان هڪ مدني انعام بہ آهي.

حضرت سَيدُنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان رِوايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جيڪو ڪنهن مريض جي عيادت ڪري ٿو يا، الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ کان ملڻ وڃي ٿو تہ هڪ مُنادِي (يعني ندا ڪرڻ وارو) ان کي مُخاطَب ڪري چوي ٿو تہ: خُوش ٿي وڃ ڇوتہ تنهنجو هي هلڻ مُبارَڪ آهي ۽ تو جَنّت ۾ پنهنجو نڪاڻو ٺاهي ورتو آهي. (ترمذی ،کتاب البر والصلة ، باب ماجاء فی زيارة الاخوان ،رقم ٢٠١۵ ، ج ٣ ، ص ۴٠۶) تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ

www.dawateislami.net

مريضن جي عِيادَت ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حَاصِل ڪيون ۽ جنّت جا حقدار بڻجون، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عَمل جي توفيق عَطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اخراجات مان زائد رقم گهٽ ڪرائي ڇڏي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قَناعَت ۽ ڪفايت شِعاري سان ڪم وٺڻ جي معاملي ۾ به حضرتِ سَيِدُنا صِدِيق اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جو جيڪو بي مثال انداز هو، ان ۾ يقيناً اسان جي لاءِ صبر ۽ شڪر جو درس به آهي ۽ قناعت جي ترغيب به. جيئن هڪ ڀيري حضرتِ سَيِدُنا صِدِيق اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي گهرواريءَ محترم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي حَلوو کائڻ جي خواهش ٿي، ته پاڻ ان کي ارشاد فرمايائون: اسان وٽ ايتري رقم ناهي جو اسان حلوو خريدي سگهون. اُنهن عَرض ڪيو: مون پنهنجي جي گهريلو اخراجات مان ڪجهه ڏينهن ۾ ٿورا ٿورا پيسا بچائي ڪجهه رقم گڏ ڪري وٺنديس، انهي مان حَلوو خريد ڪنداسين. فرمايائون: نيڪ آهي ائين ڪري وٺجو. پوءِ سندن گهرواريءَ رقم گڏ ڪرڻ شروع ڪئي، ڪافي ڏينهن کان بعد ڪجهه رقم گڏ ٿي، جڏهن انهن پاڻ کي ٻڌايو ته جيئن پاڻ حلوو خريد ڪن ته پاڻ اها رقم ورتي ۽ بَيتُ المال ۾ موٽائي ڇڏي ۽ فرمايائون ته اها اسان جي خرچ کان زائد آهي. ان کان پوءِ پاڻ آئنده جي لاءِ بَيتُ المال مان ملندڙ خرچ مان اوتري رقم گهٽ ڪرائي ڇڏي. (الکامل فی التاريخ ،ذکر بعض اخباره ومناقبه ،٢٧١/٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حِڪايت کي ٻڌي خاص ڪري انهن ماڻهن کي غور ڪرڻ گهرجي جيڪي پنهنجي هر خواهش کي پُورو ڪرڻ ضَروري سمجهن ٿا. ڪاش! اسان کي به پنهنجي نفس جي مخالفت ڪرڻ، تقويٰ ۽ قناعت اختيار ڪرڻ جو مدني ذهن نصيب ٿي وڃي. يقيناً هن حڪايت ۾ تمام

www.dawateislami.net

اسلامي ڀائرن جي لاءِ قناعت ۽ خُود داري اپنائڻ، حِرص ۽ لالچ کان پاڻ کي بَچائڻ ۽ پنهنجي آخِرت کي بهتر بنائڻ جي لاءِ خوب خوب نصيحت جا مدني گل پنهنجي خوشبو مهڪائي رهيا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صِدِيقِ اڪبر ۽ پونئرن سان تعزيت (عذر خواهي)

اهڙي طرح پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جو هڪ وصف اهو بہ هو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي جڏهن ڪنهن جي فوت ٿيڻ جي اطلاع ملندي هئي تہ پاڻ ان جي عزيز ۽ اقارب سان تعزيت ڪندا هئا جيئن حضرت سَيدُنا قاسم بن محمد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان رِوايت آهي تہ جڏهن ڪنهن جو انتقال ٿي ويندو هو تہ حضرت سَيدُنا ابوبڪر صِدِيق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ ان جي عزيزن سان تَعزِيت ڪندا هئا ۽ اُنهن کي ائين چوندا هئا: تسڪين ۾ ڪا مُصِيبَت ناهي، روج راڙي جو ڪو فائدو ناهي، موت پنهنجي بعد وارن معاملات جي لاءِ آسان ۽ اڳوڻن معاملن جي لاءِ سَخت آهي، توهان رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وفاتِ ظاهري کي ياد ڪريو توهان جي مصيبت گهٽجي ويندي ۽ توهان جو اجر وڌي ويندو. (التمهيد لما فی المؤطا من المعانی والاسانيد، عبد الرحمن بن قاسم بن محمد، ۹۷/۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان مُلاحَظَہ فرمايو تہ حضرت سَيدُنا صِدِيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ خَلِيفَة المُسلِمِين يعني مُسلمانن جو خليفو هئڻ جي باوُجُود بہ تعزيت ڪي نہ ڇڏيندا هئا، تنهنڪري اسان کي بہ کپي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽ مُسلمانن جي دِلجُوئي جي نيت سان مُصيبت زَده مُسلمانن سان تعزيت ڪيون، احاديثِ مُبارَڪہ ۾ ان جي وڏي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي. جيئن حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ جيڪو ڪنهن غمزده شخص سان تعزيت ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي تقويٰ جو لباس پارائيندو ۽ رُوحن جي وچ ۾ ان جي رُوح تي رحمت فرمائيندو ۽ جيڪو

www.dawateislami.net

ڪنهن مصيبت زده سان تعزيت ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنّت جي جوڙن مان ٻه اهڙا جوڙا پارائيندو، جنهن جي قيمت (سڄي) دنيا به نٿي ٿي سگهي. (المعجم الاوسط للطبرانی،باب الهاء، ذکر من اسمه هاشم، ۶/ ۴۲۹، حدیث: ۹۲۹۲ ملتقطا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! تعزيت جا ڪجھ آداب ٻه ٻڌي ونون

(1) تعزيت مسنون (يعني سنت) آهي. (2) تعزيت جو وقت موت کان 3 ڏينهن تائين آهي، ان کان بعد مڪروه آهي ڇوته غم تازو ٿيندو، پر جڏهن تعزيت ڪرڻ وارو يا جنهن جي تعزيت ڪئي وڃي، اتي موجود نه هجي يا موجود آهي، پر ان کي علم ناهي ته بعد ۾ حرج ناهي. (3) دفن کان پهريان به تعزيت جائز آهي، پر افضل هي آهي ته دفن کان بعد ڪجي (4) مستحب اهو آهي ته ميت جي تمام اقارب (يعني قريبي رِشتيدارن) سان تعزيت ڪيو، ننڍن وڏن مَرد ۽ عورت سيني کي، پر عورت سان ان جا محارم ئي تعزيت ڪن. تعزيت ۾ اهو چوي، الله تعاليٰ ميت جي مغفرت فرمائي ۽ ان کي پنهنجي رحمت ۾ ڍڪي ۽ توهان کي صبرعطا ڪري ۽ ان مصيبت تي ثَواب عَطا فَرمائي.

(بہار شریعت، حصہ چہارم، ۱/ ۸۵۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پاڙيسري کان جهيڙو نه ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا ابُو بڪر صِدِيق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جو هڪ نهايت ئي پيارو وَصف اهو به هو ته اوهان پاڙي وارن جي حق ۾ نهايت نرم دل هئا، جيئن ته حضرت سَيدُنا عبدُ الرَّحمن بِن قَاسِم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه پنهنجي والِد کان رِوايت ڪن ٿا ته هڪ ڀيري حضرتِ سَيدُنا ابُوبڪر صِدّيق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه حضرت سَيدُنا عبدُ الرحمن بن ابُوبڪر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه وٽان گُذريا ته اهي پنهنجي پاڙي واري کي دڙڪا ڏئي رهيا هئا، پاڻ ان کي فرمايو: پنهنجي پاڙيسري سان

www.dawateislami.net

جهيڙو نہ ڪريو، ڇوتہ اهو تہ هتي رهندو پر جيڪي ماڻهو توهان جي جهيڙي ڪي ڏسندا اهي هتان ڪان هليا ويندا. (کنز العمال، کتاب الصحبة ، باب فی حقوق تتعلق بصحبة الجار، الجزء:۵،۹/۷۹،حديث:۲۵۵۹۹)

## پاڙيسري جا حق

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ حضرت سَيِدُنا صِدِيقِ اڪبر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ پاڙيسري سان جهيڙو ڪرڻ واري ڪي ڪيتري قدر احسن انداز ۾ نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ۽ واقعي جڏهن پاڙي وارا پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهہ تي جهيڙو ڪندا آهن تہ سراسر انهن جو پنهنجو ئي نقصان ٿيندو آهي، ڇوتہ جهيڙي ڪان پوءِ بہ انهن ڪي گڏجي ئي رهڻو آهي ۽ انهن جو پاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ ٻين ماڻهن جي لاءِ تماشو بڻجي ويندو آهي.

ياد رهي! اسلام ۾ پاڙيسري (Neighbour) جي حقن جي نهايت اهميت آهي، جيئن نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مان توهان ڪي پاڙيسرين سان چڱو سلوڪ ڪرڻ جي وصيت ڪيان ٿو. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڙيسرين جا ايتري قدر حق بيان فرمايا جو ائين لڳو جيئن ، پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان ڪي وراثت ۾ حصي دار بڻائي ڇڏيندا. (المعجم الکبير ،محمد زياد الالهانی عن ابی امامة، حديث: ۷۵۲۳، ج۸ ، ص ۱۱۱)

اللہ عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي بہ پاڙيسرين جو خُوب خَيال رکڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمين بِجاہِ النَّبِیِ الْاَمین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نصيحتن ڀريا مدني گُل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِدُنا صِدِيق اڪبر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جهڙي طرح

www.dawateislami.net

پنهنجي ڪردار جي ذريعي ماڻهن جي اصلاح فرمائي، اهڙي طرح پنهنجي فرمانن ۾ بہ مدني تَربِيت جي گهڻا ئي مدني گل عطا ڪيا آهن. جيئن حضرت رافع رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا تہ مان حضرت سَيِدُنا ابوبڪرصديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي بارگاھ ۾ حاضر ھئس، مون عرض ڪيو: اوهان مون کي نصيحت فرمايو. پاڻ بہ (2) ڀيرا فرمايائون: الله عَزَّ وَجَلَّ توهان تي رحم ڪري ۽ برڪت ڏي. (1) فرض نمازون بروقت ادا ڪريو. (2) زڪوٰة خُوشِي سان ڏيندا رهو.(3)رمضان جا روزا رکو (4) بَيتُ الله جو حج ڪريو ۽ (5) ڪڏهن بہ حاڪم نہ بڻجو. مون عرض ڪيو: حُضُور! اڄڪلهہ تہ حڪمران ئي اُمّت جا بهترين ماڻهو آهن. ارشاد فرمايائون: اڄڪلهہ اَمارت يعني حڪمراني آسان آهي، پر مون کي اهو ڊپ آهي تہ آئنده زماني ۾ فُتوحات جي زيادتي سبب حڪومتون بہ گهڻيون هونديون ۽ ان طرح ممڪن آهي تہ نا اهل حڪمران بہ اچي ويندا. جڏهن تہ سڀاڻي بروزِ قيامت حاڪم جو حِساب ڏگهو ٿيندو ۽ عذاب گهڻو جڏهن تہ غير حاڪم جو حساب گهٽ ۽ عذاب هلڪو. ان ڪري جو حڪمران ئي ڪان گهڻو ظُلم سَرزَد ٿيندو آهي ۽ ظالم حاڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي عهد کي ٽوڙيندو آهي. انهيءَ حڪمرانن مان (عدل وانصاف ڪرڻ وارا) بعض الله عَزَّوَجَلَّ جا مُقرَّب بہ هوندا آهن ۽ بعض (ظلم ۽ستم سبب) مردُودِ بارگاھ خدا بہ. خدا جو قسم! توهان مان جڏهن ڪو شخص پاڙي واري جي ٻڪري يا اُٺ قبضي ۾ وني تہ گهڻو خوش ٿيندو آهي تہ مون پاڙي واري جي ٻڪري يا اُٺ ڦٻايو آهي، جڏهن تہ اهڙن تي عذاب نازل ڪرڻ الله عَزَّ وَجَلَّ جو وڏيڪ وڏو حَق آهي. (شعب الايمان،فصل فی ذکرما ورد من التشديد،۶/۵۱،حديث:۷۴۷۲،الرياض النضرة، ذکر ما يدل علی...الخ،۱/ ۲۵۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**12**

www.dawateislami.net

## ڏينهن جو "اصلاح اعمال ڪورس "

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين ۽ صحابہ و اهلِ بيت سان محبت ۽ عقيدت جو جذبو بيدار ڪرڻ، پاڙيسرين جا حق سکڻ، نيڪ بڻجڻ ۽ نفل عبادات جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ڏينهن جو "اِصلاحِ اعمال ڪورس" ڪرڻ جي نيت بہ ڪري وٺو.

اهو ڪورس شيخِ طريقت،اَمِيرِ اَهلسُنَّت بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطار قادري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو پسنديده ڪورس آهي. پاڻ فرمائن ٿا تہ هن 12 روزه مدني ڪورس ڪي 100 پيرا بہ ڪيو وڃي تہ بہ گهٽ آهي، هن مدني ڪورس ۾ اهڙو ڇا آهي ؟؟؟

شيخِ طريقت ،اميراهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن پُر فِتَن دَور ۾ نيڪيون ڪرڻ ۽ گُناهن کان بچڻ جي طريقن تي مُشتمل شريعت و طريقت جو جامع مجموعو مدني اِنعامات جي صُورت ۾ عطا فرمايو آهي، **اصلاح اعمال ڪورس** ۾ ان مدني اِنعامات تي عمل ڪرڻ جون آسانيون ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي عملي مشق بہ ڪرائي ويندي آهي، ان جي علاوه تَهجُّد،اِشراق ۽ چاشت، دُرُست تَلَفُّظ سان تلاوتِ قرآ نِ پاڪ،۽ اوراد ۽ وَظائف، مُناجات، مدني حلقو ۽ شجرو شريف بہ پڙهيو ويندو آهي. ۽ باطن جي اِصلاح ۽ مدني تَربِيت جي لاءِ مُهلڪات (يعني هلاڪت ۾ وجهڻ وارين باطني بيمارين) مثلاًحسد، تڪبُّر، رِياڪاري، بَدگُماني وغيره موضوعن تي بيانات، نماز جو طريقو، فُضُول ڳالهين کان بچڻ جي لاءِ اشارا ۽ ٻيو گهڻو ڪجھ سکڻ جو موقعو ملندو آهي.

**دُعاءِ عطآر!** يا الله عَزَّ وَجَلَّ جيڪو بہ 12 ڏينهن جو **"اصلاح اعمال ڪورس"**

ڪري ،پُل صراط تان اهو بجلي جيان تيزي سان گُذري وڃي ۽ بي حساب جنَّت ۾ داخلہ حاصل ڪري ۽ محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ان کي پاڙو ملي وڃي.

مدنی اِنعامات کی بھی مرحبا کیا بات ہے قُربِ حَق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

## نفلي روزن جي مَدَني تحريڪ:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! سڄي سال روزو رکڻ وارا اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي فيضان سان دعوتِ اسلامي ۾ نفل روزن جي مدني تحريڪ خاص ڪري مدني انعامات وارن جي ذريعي جاري رهندي آهي. اچو نفل روزن جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا جيئن (1) فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن جو نفلي روزو رکيو ۽ سڄي زمين برابر سون بہ ان کي ڏنو وڃي، تڏهن بہ ان جو ثواب پورو نہ ٿيندو، ان جو ثواب تہ قيامت ئي جي ڏينهن ملندو.[1]

## عاشقانِ روزه جي تنظيمي دَرَجہ بندي:

**ممتاز:** جيڪو صومِ داؤدي يعني هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن روزو رکي يا مهيني ۾ گهٽ مان گهٽ 15 روزا پنهنجي سهولت مطابق رکي يا 5 منع ڪيل ڏينهن جي علاوه سڄو سال روزا رکي. (عيدالفطر ۽ 10، 11، 12، 13 ذوالحجة الحرام جو روزو رکڻ، مڪروه تحريمي آهي.)[2]

**بهتر :** جيڪو هر سومر شريف ۽ خميس جو روزو رکي (سومر ۽ خميس جو روزو سُنّت آهي، البت جيڪو پنهنجي سَهولت جي مطابق مَدني مهيني ۾ 7 روزا رکي وٺي اهو بہ تنظيمي طور تي ''بهتر'' ۾ ڳڻيو ويندو.)

---

[1] (مسندابي يعلي ، ج ۵، ص۳۵۳، حديث ۶۱۰۴)

[2] (دُرِ مختار ۳، ص ۳۹۱)

www.dawateislami.net

**مناسب:** جيڪو هر سومر شريف تي يا مجبوري هجي ته هفتيوار موڪل جي ڏينهن روزا رکي (ائين مهيني ۾ 5/4 روزا ٿيندا) ياد رکو **نفلي روزو** ڄاڻي واڻي شروع ڪرڻ سان پورو ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي جيڪڏهن ٽوڙيندؤ ته قضا واجب ٿيندي. (در مختار،۳/ ۴۷۳) **ماءُ پيءُ جيڪڏهن پٽ کي نفل روزي** کان ان لاءِ منع ڪن جو بيماريءَ جو انديشو آهي ته ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪري. (ردالمحتار،۴۷۸/۳) **مڙس** جي اجازت کان بغير گهرواري **نفلي** روزو نه ٿي رکي سگهي. (درمختار، ۳/ ۴۷۷)

**مَدَني التجا:** نفل روزن جي مَدَني تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ وارا اسلامي ڀائر هن نمبر 03125921226 تي پنهنجو نالو، شهر جو نالو، موبائل نمبر ۽ درجه (ممتاز ، بهتر، مناسب) ايس ايم ايس ڪن.

## مدرسة المدينہ بالغان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي دِينِ مَتِين جي 103 کان وڌيڪ شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، انهن مان هڪ شعبو مدرسة المدينہ بالغان بہ آهي، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ سڄي پاڪستان ۾ مدرسة المدينہ بالغان جو تعداد تقريباً 5000 آهي، مدرسة المدينہ بالغان ۾ بالغ يعني وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن کي دُرست مخارج جي ادائيگي سان مدني قاعدو ۽ قرآنِ ڪريم فِي سَبِيلِ الله پڙهايو ويندو آهي،مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ وارا خوش نصيب عاشقانِ رسول قرآنِ ڪريم جي تعليم سان آراستہ ٿيڻ سان گڏوگڏ ڪثير علمِ دين بہ سکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! مدرسة المدينہ بالغان جي ڪم وبيش 63 منٽ جي جدول ۾ ڪتاب "نماز جا احڪام" مان نماز، غسل، وضو، نمازِ جنازه، سُنّتون سکائڻ، مدني درس ڏيڻ، فرض علوم تي مشتمل بيانات ٻڌڻ، دُعا ياد ڪرائڻ ۽ آخر ۾ مدني انعامات جي رِسالي مان

www.dawateislami.net

فڪرِ مدينه ڪرڻ به شامل آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! همّت ڪريو، تعليمِ قرآن حاصل ڪرڻ جي لاءِ مدرسة المدينه بالغان ۾ پاڻ به شرڪت ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان حضرت سَيِدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي مختلف اوصاف و ڪردار بابت ٻڌو ته

❀"صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي سڄي زندگي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ گذري. ❀ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي سڄي زندگي خوفِ خدا ۾ گذري ❀ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي سڄي زندگي عشقِ رسول ۽ ❀سنتِ مُصطفي تي عمل ڪندي گذري ❀ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي سڄي زندگي ننڍن تي شفقت ۽ وڏن سان محبت ڪرڻ ۾ گذري ❀ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه منصبِ خِلافَت تي جيترو عَرصو فائز رهيا، ان جو حق ادا ڪندا رهيا ❀ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه "تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي دولت سان مالا مال هئا❀ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ظلم جي چڪي ۾ پسجڻ وارن مسلمانن جي خير خواهي فرمائي❀ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه مظلوم مسلمانن کي ظلم ۽ ستم جي زنجيرن مان نجات ڏيارڻ جي لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ کان به نه ڪيٻايو ❀ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه مسلمانن جي خليفي ۽ حڪمران هئڻ جي باوجود زندگي عيش ۽ عشرت جي بدران نهايت سادگي ۽ صبر ۽ قناعت ۾ گُذاري ❀ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه مريضن جي عيادت ڪندا هئا ❀ڪٿي فوتگي ٿي ويندي هئي ته

www.dawateislami.net

ميت جي اهلِ خانہ سان تعزيت ڪندا هئا ❀ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ نماز، روزو،حج ۽ زڪوٰة وغيره جي ادائيگي جي ترغيب ڏياريندا هئا ❀صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي پنهنجي عبادت گُذاري جو عالم هي هو جو گرمي جي ڏينهن ۾ نفل روزا رکندا هئا، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي نقشِ قدَم تي هلندي پنهنجي زندگي کي نيڪين ۾ گذاريون ۽ گناهن کان پاڻ کي بہ بچايون ۽ ٻين کي بہ بچايون.

اللہ عَزَّوَجَلَّ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاة الصابیح،کتاب الایمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة،۱/۹۷،حدیث:۱۷۵)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## هٿ ملائڻ جا ڪجھ مَدَني گل

(1) ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت سلام ڪري ٻنهي هٿن سان مصافحو يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنّت آهي (2) جڏهن بہ مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) ۽ هڪٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جنهن مان نوي رحمتون زياده گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني سان پنهنجي ڀاءُ کان خيريت

www.dawateislami.net

پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن. (شعب الايمان،۶/۴۷۱، حديث: ۸۹۴۴) (3) هٿ ملائڻ وقت درود شريف بہ پڙهو، ٿي سگهي تہ هي دعا بہ پڙهو: ”يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمْ“ (يعني الله عَزَّ وَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرماءِ) (4) بہ مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون گهرندا اِنْ شَآءَالله عَزَّ وَجَلَّ قبول ٿينديون. هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي. (مسند امام احمد ،۴/ ۲۸۶ حديث: ۱۲۴۵۴) (5) پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي. (6) فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان مصافحو ڪري ۽ ڪنهن جي دل ۾ ٻئي جي لاءِ عداوت نہ هجي تہ هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان الله تعاليٰ ٻنهي جا پويان گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ جيڪو مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نگاهہ سان ڏسي ۽ اُن جي دل يا سيني ۾ عداوت نہ هجي تہ نگاهہ موٽڻ کان پهريان ٻنهي جا پنيان گناهہ معاف ڪيا ويندا. (كَنْزُ الْعُمّال ،۹/ ۵۷) (7) مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) وقت سنّت هي آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره نہ هجي، ٻئي تِريون خالي هجن ۽ ترِيءَ سان تري ملڻ گهرجي. (بہارِ شريعت ،حصّہ ۱۶،۳/ ۹۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر سُنَّتیں سیکھیں گے اس میں اِنْ شَاءَ الله سر بسر

تیس تیس اور بارہ بارہ دن کے مدنی قافلے میں سفر کرتے رہو جب بھی تمہیں موقع ملے

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمۡ وَبَارِكۡ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الۡاُمِّيِّ

الۡحَبِيۡبِ الۡعَالِى الۡقَدۡرِ الۡعَظِيۡمِ الۡجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحۡبِهٖ وَسَلِّمۡ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوۡلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمۡ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡه کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابهٔ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي.[3]

---

[1] …القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2] …افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[3] …القول البديع،الباب الاول،ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (7) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 پيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305

3... تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:۴۴۱۵

www.dawateislami.net